# پاڪستان ۾ سماجي تبديلي: عارف حسن سان ڳالهه ٻولهه

(ترجمو ڪندڙ: ڊاڪٽر امجد سراج)

بلومسبري پاڪستان ”پاڪستان ۾ سماجي تبديلي: عارف حسن سان ڳالهه ٻولهه“ جي نالي سان 11 مئي 2015ع تي هڪ تقريب جو انتظام ڪيو هو.

پنهنجي مخصوص لپائيندڙ انداز، نهايت محنت سان گڏ ڪيل مواد ۽ بصيرت سان پرپور قصن جي ذريعي عارف حسن صاحب گذريل پنجاهه سالن ۾ پاڪستان جي بنيادي ڍانچي ۾ تبديلين جو جائزو پيش ڪيو. سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڪيل نهايت ڳوڙهي تحقيق جي آڌار تي، هن جي ڳالهه ٻولهه جو مقصد موجوده سماجي حالتن کي تاريخي حوالن جي بنياد تي روشناس ڪرائڻو هو. حسن صاحب چيو ته پاڪستان جي ٻهراڙين ۾ گهڻ پاسائين سماجي تبديليون رونما ٿيون آهن. صدين کان وٺي ڳوٺ پنهنجي معاشي خود ڪفيلي سان سڃاتا ويندا هئا جنهن جي ڪري زرعي آبادگارن ۽ هنرمند ماڻهن جي وچ ۾ سماجي لاڳاپي کي مدد ملندي هئي ۽ ذاتين ۽ مختلف پيشن وچ ۾ ڳانڍاپا به مضبوط ٿيندا هئا. زرعي آبادگار لاءِ ڪم ڪندڙ هنرمندن کي داڻن جي صورت ۾ ادائيگي ڪئي ويندي هئي. ان سرشتي معاملن لاءِ گهربل معاشي ڳنڍ جو ڪم پئي ڏنو آهي.

ان مستحڪم خود ڪفيل صورتحال کي 1960ع جي سائي انقلاب اثر انداز ڪيو جنهن منجهه زرعي پيداوار ۾ وڏو اضافو ٿيو. زمين جي وڌندڙ پيداواري صلاحيت آبادگارن کي پنهنجو وکر پري پري جي بازارن ۾ وڪرو ڪرڻ لاءِ موقعا فراهم ڪيا ۽ ان عمل ۾ ٻهراڙين ۾ روڪ رقم جو نظام به متعارف ٿيو. ان ڪري زرعي معيشت وڌندي وئي ۽ پاڪستان جي ٻهراڙين ۾ رهندڙن جي آمدني ۾ به اضافو ٿيو. ان جي نتيجي ۾ آبادگاري سان لاڳاپيل ٽيڪنالاجي جي استعمال ۽ سنپال وغيره لاءِ نون هنرن کي سکڻ جي ضرورت پيدا ٿي. وقت گذرڻ سان هنرمندن به روڪ بنياد تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو جنهن منجهان ٿيل آمدني هنن کي پنهنجن وسيلن تي وڌيڪ اختيار فراهم ڪيو. انهن تبديلين آهستي آهستي ذاتين ۽ پيشه ور تعلقات کي ڪمزور ڪيو ۽ سماجي ۽ طبقاتي تبديلي کي هٿي ڏني. شهرن ڏانهن لڏ پلاڻ جو عمل شروع ٿيو. اها زرعي انقلاب کان پوءِ ٿيڻ واري لڏپلاڻ اڳ ٿيل لڏپلاڻ کان مختلف معيار جي هئي ڇاڪاڻ ته اهي گهٽو ڪري ٻهراڙين ۾ تباهه ٿيندڙ سياسي ۽ سماجي سرشتن جي رد عمل ۾ ٿينديون هيون. ذاتين تي ٻڌل حڪومت ڪرڻ جو پراڻو سرشتو تباهه ٿي ويو، جرگي ۽ پنچائيت پنهنجي طاقت وڃائي ڇڏي، مکي، پٽيل ۽ نمبردار وڃي گهر پيڙا ٿيا. شهري ۽ ديهي علائقن ۾ نوان رشتا قائم ٿيا جنهن ۾ ديهي طبقو سواءِ کاڌ خوراڪ جي ٻين گهٽين شين لاءِ شهري زندگي تي وڌ ۾ وڌ انحصار ڪرڻ لڳو.

جيئن ته قومي ناڻي ۾ زرعي وسيلن جو اضافو ٿيو ته ان اضافي کي وڌائڻ لاءِ نيون حڪومتي پاليسيون جوڙيون ويون. ان جو هڪ مثال 1970ع جي شروعاتي سالن ۾ ڀٽي جي حڪومت پاران شروع ڪيل سوزوڪي قرض اسڪيم هئي، جنهن سان زرعي پيداوار جي نقل و حمل جي سهولتون وڌيون ۽ پيداوار کي ڏورانهن علائقن ۾ وڪري ۾ مدد ملي. ان جي نتيجي ۾ ڳوٺن جي پرپاسن ۾ موجود اناج منڊيون، جتي هاري ۽ آبادگار پنهنجو فصل وڪڻندا هئا، اهي غائب ٿيڻ شروع ٿي ويون ڇاڪاڻ ته هاڻ پنهنجي فصلن جي آبادي کي پري جي شهرن تائين وڪڻڻ نسبتاََ آسان ٿي ويو هو. وقت گذرڻ سان ٽرانسپورٽ جو ڪاروبار وڌيو جيڪو وقت سان ايندڙ سياست ۾ وڏو ڪردار ڪري ها.

مٿي ڄاڻايل تبديلين سبب آمدورفت ۾ بيمثال واڌ آئي جنهن عوام کي اڳوڻن طاقتور ماڻهن ۽ ادارن کان آزاد ڪري ڇڏيو ۽ ماڻهن کي پنهنجي جاگرافيائي ۽ سماجي حدن کان ٻاهر نڪري واپار جا موقعا فراهم ٿيا. اها هڪ نئين حاصل ڪيل آزادي هئي جنهن ۾ نت نوان خيال به شامل ٿيا. سڀني کان وڌيڪ ذاتين ۽ پيشن جي وچ جو ڳانڍاپو تمام ڪمزور ٿيو. ان جي باوجود اڳوڻو زميندار طبقو اثر انداز نه ٿيو

۽ ان پنهنجي سهولتون برقرار رکڻ لاءِ نوان طريقا اختيار ڪيا. هڪ طريقو ته هو مذهبي رهنمائن کي مدد ڪرڻ جو، جن انهن تبديلين کي اخلاقي پستي سڏيندي ان جي نندا ڪئي. پنهنجي برادري کان ٻاهر شادي ڪرڻ کي اخلاقي بدعملي طور سڏيو ويو جنهن سان مقامي جاگيردارن کي نئين ٿهي کي پنهنجي غلامي ۾ رکڻ جو بهانو فراهم ڪيو. ان جي نتيجي ۾ اسان ڏسون ٿا ته ڪارو ڪاري يا غيرت جي نالي ۾ خونريزي وڌي (جيتوڻيڪ ان واڌ ۾ ڪجهه حصو ان جي مبالغي آرائي سان ميڊيا ۾ پيش ٿيڻ به آهي). ٻيو طريقو پنهنجن اولادن کي سرڪاري نوڪري ۾ آڻي عوام مٿان انتظامي نوعيت جون سهولتون حاصل ڪرڻ هو.

ڏيهي علائقن مان لڏ پلاڻ غير رسمي بين الاقوامي سرمايه داري جي اثرن سان گڏجي شهري علائقن جي حيثيت ۾ به وڏو فرق آندو، خاص ڪري ڪچي آبادين ۾ ڪنهن وقت اهي آباديون خالص محنت ڪش طبقي جون وسنديون هيون، جتي عورتن ڪم نه ٿي ڪيو ۽ فقط هڪ غير اعلانيل دائري ۾ رهي انهن آبادين ۾ ڪم ڪار ٿيندو هو جڏهن ته ٻولي ان جي درجه بندي جو بنياد هوندي هئي. هاڻ اهي محنت ڪش طبقي جي آباديون نه رهيون آهن. بين الاقوامي مواصلاتي ٽيڪنالاجي جي سيلاب اچڻ سان، عورتن تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪئي ۽ هاڻ نوڪري واري نظام ۾ شامل ٿي ويون آهن. ماڻهن پنهنجي هڪ نئين شناخت حاصل ڪئي آهي ۽ اهڙا خيال رکن ٿا جيڪي اڳي موجود نه هئا. جيڪڏهن اسان پندرنهن کان چوويهه سالن جي ٿهي تي نظر وجهون ٿا ته انهن تبديلين جو اثر صاف نظر اچي ٿو. 1981ع ۾ ان ٿهي جون 31% عورتون ۽ 17% مرد شادي شده هئا، 1998ع جي مردم شماري کي ڏسون ته اهو ڏيکاري ٿو ته 18% کان گهٽ عورتون ۽ 6% کان گهٽ مرد هاڻ شادي ڪن ٿا. جيئن جيئن تعليم جي گهرج ۾ اضافو ٿيو ته خانگي اسڪولن جو وڏو نظام شروع ٿي ويو آهي. جيئن جيئن ان ٿهي جا نوجوان وڏا ٿيا، ته ڪيتريون ئي نيون يونيورسٽيون سرڪاري ۽ خانگي شعبن ۾ ٺهي چڪيون آهن.

هڪ نهايت اهم لاڙو جيڪو انهن تبديلين جي ڪري نظر اچي ٿو، اهو آهي عدالت ۾ ٿيندڙ شاديون. 1992ع ۾ ڏهه کان پندرنهن اهڙين شادين جي درخواست هڪڙي ڏينهن ۾ ملنديون هيون. 2006ع تائين اهي وڌي ٻه سؤ (200) هر ڏينهن ۽ ڪجهه اندازن مطابق هاڻ اهو انگ اٺ سؤ (800) هر ڏينهن ٿي ويو آهي. اها واڌ خانداني سرشتي ۾ ايندڙ تبديلي ڏينهن اشارو ڪري ٿي، برادري نظام جي ڪمزوري ۽ ذاتي خواهشن ۽ پنهنجي ذاتي شناخت جي چاڻ ڏانهن به ڌيان ڇڪائي ٿي.

ٻوڻاٽن علائقن وانگر اهي ترقي پسند تبديليون شهري طبقن، تنگ نظر قوتن جن ۾ مذهبي حلقا به شامل آهن، ۽ ٻين قوتن مثلاََ لينڊ مافيا وارن جي نظر ۾ رهيون آهن، ته جيئن هو پنهنجي طاقت برقرار رکي سگهن. مذهبي حلقن حڪومتن کان ۽ ضياء جي دور ۾ ايتري ته طاقت ورتي آهي جو شاگرد سياست، ادبي سرگرميون ۽ سياسي مخالفت کي سختي سان دٻايو ويو. ان سڄي پس منظر جي نتيجي ۾ سڄي سماج جو اجتماعي تاثر قدامت پسند ٿيندو ويو ۽ جنهن ۾ هڪ مغرب مخالف يا جديد لاڙن جي مخالفت ڪئي وئي. انهن سڀني ڳالهين جي باوجود هڪ مبهم طريقي سان ذاتي آزادي جو سرشتو جاري آهي جيڪو تعليم ۽ شادين جي انگن مان ظاهر ٿئي ٿو. هڪ خاص طريقو جيڪو نئين ٿهي اختيار ڪيو آهي ۽ خاص ڪري ڇوڪرين، اهو ائين ته هنن ان صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ قدامت پسند مذهبي طريقا مثلاََ حجاب اختيار ڪندي، جديد دنيا جي لاڙن کي اختيار ڀئي ڪيو آهي.

مجموعي طور تي اهو چئي سگهجي ٿو ته پاڪستان جديديت، ٽيڪنالاجي، تعليم ۽ بنيادي ڍانچي کي سمجهڻ لاءِ هڪ سٺو مثال آهي جنهن منجهان معاشرتي تبديليون، انسان ذات جي روايتي زندگي گذارڻ جي طريقن مان آزادي ۽ انهن کي نون لاڙن ڏانهن روان دوان ڪرڻ جو رستو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان جي برعڪس رياست اهڙيون نظر ايندڙ تبديليون (مثلاََ جاگيرداري نظام جو خاتمو، صنعتن جي بحالي ۽ جمهوري انداز حڪومت) آڻڻ ۾ ناڪام نظر ٿي اچي جيڪي انهن تبديلين کي هڪ اداري طور مستحڪم ڪن ها ۽ نئين ٿهي کي پنهنجيون خواهشون ۽ خواب پورا ڪرڻ جو موقعو فراهم

ڪري سگهن ٿا. ان جي نتيجي ۾ هاڻ اسان ڏسون پيا ته پاڪستاني سماج ۾ ترقي پسند ۽ قدامت پسند قوتن ۾ هڪ مستقل جنگ جاري آهي.

پنهنجي شهرين جي ڇڱڀلائي لاءِ ڪم ڪرڻ بدران رياست وڏيڪ ناٽي ڪمائڻ ۾ رڌل آهي جنهن ۾ هو عوامي پيسي کي خانگي ادارن جي حوالي ڪرڻ ۽ مذهبي گروپن سان سهڪار ۾ ملوث نظر اچي ٿي. ان طرح عوام هڪ نئين قدامت پسندي ۽ نئين ترقي پسندي جي طاقتن جي ويڙهه جي وچ ۾ ڦاٿل محسوس ڪن ٿا.

مٿي ڏنل مايوس ڪن صورتحال جي باوجود، جناب حسن مستقبل بابت پر اميد آهي، هو انهن هلندڙ جدوجهد کي سماجي تبديلي لاءِ هڪ ضروري صورت سمجهي ٿو ۽ ان جو اظهار به ڪيو اٿس ته انسان جي آزادي جي بنيادي خواهش نئين ٿهيءَ ۾ پيدا ٿي چڪي آهي، خاص ڪري عورتن ۾ ۽ مستقبل بعيد ۾ اها خواهش قدامت پسندي کان ڪٽي ويندي. هن جو خيال گرامسين جي لفظن جو چڱو مثال آهي ته:”آءُ پنهنجي ذهانت جي ڪري قنوطيت پسند آهيان، پر پنهنجي عزم جي بنياد تي پُر اميد آهيان. “